# صدقي جا فضائل

هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سنّتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# صدقي جا فضائل

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ منوّره سردارِ مڪہ مڪرمہ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمت نشان آهي: اي ماڻهو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات پائڻ وارو شخص اهو هوندو جيڪو توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان درود شريف پڙهيو هوندو.

(فردوس الاخبار، ج2 ص471 حديث 8210)

بچیں بے کار باتوں سے پڑھیں اے کاش کثرت سے
ترے محبوب پر ہر دم دُرُودِ پاک ہم مولٰی

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ"يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀجي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي سوڙهو يا سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّکَ بِالۡحِکۡمَۃِ وَ الۡمَوۡعِظَۃِ الۡحَسَنَۃِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَةً[2] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دوران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علم جو رُعب ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## چار دِرْهَمن جي بدلي چار دعائون

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي مطبوعه، مايه ناز تصنيف فيضانِ سُنّت جلد پهريون، صفحي نمبر 122 تي شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه لکن ٿا:

[2]...بخارى، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

حضرتِ سَيِّدُنا منصور بن عَمّار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ ڏينهن وَعظ (بيان) فرمائي رهيا هئا، ڪنهن حقدار (مسڪين) چار دِرهَمن جو سُوال ڪيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اعلان فرمايو، جيڪو شخص هن ڪي چار درهم ڏيندو. مان اُن جي لاءِ چار دعائون ڪندس، اُن وقت اُتان هڪ غلام گذري رهيو هيو، هڪ وليءِ ڪامل جي رحمت ڀري آواز ٻڌي اُن جا قدم رُڪجي ويا ۽ اُن وٽ جيڪي چار درهم هئا هن اُهي اُن سائل کي پيش ڪري ڇڏيا، حضرتِ سَيِّدُنا منصور بن عَمّار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: ٻڌائي ڪهڙيون ڪهڙيون چار دُعائون ڪرائڻ چاهين ٿو؟ عرض ڪيائين، (1) آئون غلامي مان آزاد ڪيو وڃان (2) مون کي انهن درهمن جو بدلو ملي وڃي (3) مون کي ۽ منهنجي آقا کي توبهه نصيب ٿئي (4) منهنجي، منهنجي آقا جي، اوهان جي ۽ تمام حاضرين جي بخشش ٿي وڃي، حضرتِ سَيِّدُنا منصور بن عَمّار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هٿ کڻي دعا فرمائي، غلام پنهنجي آقا وٽ دير سان پهتو، آقا دير سان اچڻ جو سبب پڇيو تہ اُن ڪيس پورو واقعو ٻڌايو، آقا پُڇيو، پهرين دعا ڪهڙي هئي؟ غلام چيو: مون عرض ڪيو تہ دُعا ڪريو، آئون غلامي مان آزاد ڪيو وڃان، اُهو ٻڌي ڪري آقا جي زبان مان بي اختيار نڪتو: "وڃ تون غلامي کان آزاد آهين." پُ]پڇيائين ٻي دُعا ڪهڙي ڪرائي؟ چيائين، جيڪي چار درهم مون ڏئي ڇڏيا آهن انهن جو بدلو ملي وڃي، آقا چوڻ لڳو: مون توکي چار درهم جي بدلي چار هزار دِرهَم ڏنا، پُڇيائين: ٽين دُعا ڪهڙي هئي؟ مون کي ۽ منهنجي آقا کي توبهه جي توفيق نصيب ٿي وڃي، هي ٻڌندي ئي آقا جي زبان تي اِسْتِغفار جاري ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو: آئون الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾



www.dawateislami.net

پنهنجي تمام گناهن کان توبه ڪريان ٿو، چوٿين دُعا ۾ ٻڌاءِ، چيائين: مون التجا ڪئي تہ منهنجي ۽ منهنجي آقا جي، اوهان جي ۽ اجتماع ۾ شامل تمام حاضرين جي مغفرت ٿي وڃي. هي ٻڌي ڪري آقا چيو، ٿي ڳالهيون جيڪي منهنجي اختيار ۾ هيون اُهي ڪيون آهن، چوٿين سيني جي مغفرت جي ڳالهہ منهنجي اختيار کان ٻاهر آهي، انهي رات آقا خواب ۾ ڪنهن چوڻ واري کي چوندي ٻڌو، جيڪو تنهنجي اختيار ۾ هيو اُهو توهان ڪري ڇڏيو ۽ آئون اَرۡحَمُ الرَّاحِمِيۡن آهيان مون توکي، تنهنجي غلام کي، منصور کي ۽ تمام حاضرين کي بخشي ڇڏيو.

(فيضانِ سُنّت، باب فيضانِ بسم الله ، ج1، ص 122. بحواله روض الرياحين، ص 222)

منا منا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ راهِ خدا ۾ مال خرچ ڪرڻ سان ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون حاصل ٿينديون آهن، هن غلام فقط چار (4) درهم صدقو ڪيو الله تعاليٰ هن کي آقا جي ذريعي اُن چار (4) درهم جي بدلي ۾ چار هزار (4000) درهم عطا ڪيا ۽ هن کي غلامي کان آزادي جو خوشخبري بہ ملي وئي، گڏوگڏ الله عَزَّوَجَلَّ اُن صدقي جي برڪت سان غلام ۽ سندس آقا سميت تمام ماڻهن جي بخشش بہ فرمائي ڇڏي، واقعي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ اخلاص سان صدقو ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ اُن کي بيڻو اجر عطا فرمائيندو آهي بلڪ اُن کان بہ زياده عطا فرمائيندو آهي، ان لاءِ اسان کي گهرجي وقتًا فوقتًا الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ جيترو ٿي سگهي صدقو ڪندا ڪريون، اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ بي شمار ديني ۽ دنياوي برڪتون حاصل ٿينديون. الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جي اهميت ۽ فضيلت جو اندازو ان ڳالهہ سان لڳايو تہ خود اسان جي پياري پروردگار عَزَّوَجَلَّ قرآنِ مجيد، فرقانِ



www.dawateislami.net

حميد ۾ صدقو خيرات ڪرڻ جو حڪم عطا فرمايو آهي ۽ مختلف مقامات تي صدقو ڪرڻ وارن جي ساراهه ۽ خوبيون بہ ارشاد فرمايون جيئن تہ سُوْرَةُ الْبَقَرَہ جي شروعاتي آيتن ۾ صدقو خيرات ڪرڻ وارن کي هدايت جي خوشخبري ٻڌائي وئي، فرمانِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ آهي:

هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ۝ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ وَيُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ۝

**ترجموڪنزالايمان:** ڊپ وارن لاءِ هدايت آهي. جيڪي اڻ ڏٺي ايمان آڻن ۽ نماز قائم رکن ۽ اسان جي ڏني مان (اسان جي واٽ ۾) خرچ ڪن ٿا.

صدْرُ الْافَاضِل حضرت علّامه مولانا مُفتي سيِّد محمد نعيمُ الدين مُراد آبادي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه آيتِ مبارڪ جي هن حصي (وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ۝) تحت فرمائن ٿا تہ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ سان زڪوٰت مراد آهي، جيئن تہ ٻي جڳهه تي ارشاد فرمايو (يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ) يا مطلقِ انفاق (يعني راهِ خدا ۾ مُطلقًا خرچ ڪرڻ مراد آهي) چاهي فرض ۽ واجب هجي، جيئن زڪوٰت، نذر، پنهنجي ۽ پنهنجي گهروارن جو نفقو (خرچ) وغيره چاهي مستحب جيئن صدقاتِ نافلا ۽ ميّتن جو ايصالِ ثواب وغيره. **مسئلو:** يارهين شريف، فاتحہ، تيجهو، چاليهو بہ ان ۾ داخل آهن اُهي سڀ صدقاتِ نافلا آهن. (خزائن العرفان ،ص5)

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! واقعي خوشنصيب آهن اُهي مسلمان جيڪي پنهنجي مال جا حقوقِ واجبہ ادا ڪندا آهن، خوش دلي سان زڪوٰت ۽ فطرو ادا ڪندا آهن، پنهنجي ماءُ پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ ۽ اولاد تي خرچ ڪندا آهن، پنهنجي عزيزن ۽ رشتيدارن جي فوتگي تي اُن جي ايصالِ ثواب



www.dawateislami.net

جي لاءِ ٽيجهو، ڏهو، چاليهو ۽ ورسي وغيره ڪري مسڪينن کي کاڌو ڪارائيندا آهن، چڱي نيت سان شفاخانا ٺاهرائيندا آهن، حقوقِ عامّہ جو لحاظ رکندي اخلاص سان قرآن خواني، اِجْتِماعِ ذِڪْر ونَعت ۽ سنتن ڀري اجتماعات جي اِنعقاد تي خرچ ڪندا آهن، مسجدون، مدرسن ۽ جامعات جي تَعْمِيْر ۽ ترقّي ۽ روزمره جي اخراجات ۾ حصو وٺندا آهن، ديني طَلَباء ۽ طالبات تي پنهنجو مال خرچ ڪندا آهن، اچو تہ اسان بہ هٿو هٿ نيت ڪريون الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ نہ صرف پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏينداسين بلڪ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريندا سين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## صدقي جي تعريف

اچو تہ! صدقي جي تعريف ( يعني معني) ٻڌي وٺون، صدقي جو مطلب هي آهي تہ ڪا شيءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ ڏني وڃي ۽ اُن جي ذريعي ماڻهن ۾ پنهنجي واهہ واهہ ڪرائڻ مقصد نہ هجي، بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ اجر ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت هجي.

(ڪتاب التعريفات، باب الصاد، ص۹۴ ماخوذاً)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صدقي جي بيان ڪيل تعريف مان اِهو بہ معلوم ٿيو تہ حقيقي صدقو اُهو آهي جنهن جو مقصد رياڪاري ، حُبِّ جاهہ ۽ ماڻهن ۾ واهہ واهہ نہ هجي بلڪ اهو صرف ۽ صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ خوشنودي جي لاءِ ۽ اُن جي طرف کان ملڻ واري ثواب حاصل ڪرڻ جي غرض سان ڪيو ويو هجي، هتي هڪ ٻي ڳالهہ بہ



www.dawateislami.net

غور طلب آهي ۽ اها هي تہ ڪجھ ماڻهو هي سمجهندا آهن تہ جيڪا شيءِ ناڪاره هجي يا اسان وٽ ڪنهن ڪم جي نہ رهي، اها شيءِ صدقو ڪرڻ گهرجي، حالانڪ ايئن نہ آهي بلڪ انسان جيڪا شيءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ صدقو ڪري رهيو هجي اها ڪم ۾ اچڻ سان گڏوگڏ چڱي، بهترين، خوبصورت ۽ پسنديده بہ هئڻ گهرجي جيئن تہ قُرآنِ پاڪ ۾ الله تعاليٰ سيپاري 4، سُوْرَہء اٰلِ عِمْرَان جي آيت نمبر 92 ۾ ارشاد فرمايو:

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ۬ؕ وَ مَا تُنْفِقُوْا مِنْ شَیْءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِیْمٌ(۹۲)

(پ۴،اٰلِ عمران:۹۲)

**ترجموڪنزالايمان:** اوهان ايستائين چڱائي کي هرگز نہ پهچندؤ جيسين پنهنجي پياري شيءِ کي خرچ نہ ڪندؤ ۽ اوهان جيڪو ڪجھ خرچ ڪندؤ سو الله کي معلوم آهي.

صدْرُ الْاَفَاضِل حضرت عَلاّمه مَولانا مُفتي سيِّد محمد نعيمُ الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان آيتِ مبارڪ جي تفسير ۾ ارشاد فرمائن ٿا: حضرت ابنِ عُمَر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايو هتي خرچ ڪرڻ عام آهي، تمام صدقات جو يعني واجبہ هجي يا نافلہ سڀ ان ۾ داخل آهن، حَسن جو قول آهي تہ جيڪو مال مسلمانن کي محبوب هجي ۽ ان کي رضاءِ الٰهي جي لاءِ خرچ ڪري، اهو ان آيت ۾ داخل آهي چاهي هڪ کجور ئي ڇو نہ هجي. (حضرتِ سَيِّدُنا) عمر بن عبدالعزيز (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) ڪنڊ جون ٻوريون خريد ڪري صدقو ڪندا هئا، انهن کي چيو ويو: ان جي قيمت ڇو نہ ٿا صدقو ڪري ڇڏيو؟ فرمايائون: ڪنڊ مونکي محبوب ۽ پسند آهي، مان چاهيان ٿو تہ راهِ خدا ۾ پياري شيءِ خرچ ڪريان.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجو محبوب ترين مال خرچ ڪرڻ جو ارشاد فرمائي رهيو آهي، اسان کي گهرجي تہ ڪنجوسي کان ڪم ورڻ جي بغير، سٺين سٺين نيّتن ۽ اخلاص سان دل کولي ڪري صدقو ۽ خيرات ڪندا ڪريون، ظاهر آهي تہ اسان وٽ جيڪو ڪجهہ آهي الله عَزَّوَجَلَّ جو ئي ڏنل آهي، اُن جي ڏنل مال مان ان جي رضا جي لاءِ صدقو ڪرڻ يقينًا نعمتن ۾ مزيد اضافي جو باعث ٿيندو، جڏهن تہ ان جي برعڪس قدرت جي باوجود صدقو ۽ خيرات ڪرڻ کان هٿ روڪي ورڻ، الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان ملڻ وارين نعمتن کان محرومي جو سبب بہ بڻجي سگهي ٿو. جيئن تہ حضرت اَسما بِنت ابوبڪر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان مروي آهي، اُهي فرمائن ٿيون تہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مونکي فرمايو: هٿ نہ روڪ نہ تہ توکان بہ روڪيو ويندو.

(بخاري،ڪتاب الزكوة،باب التحريض علي الصدقة،۱/۴۸۳،حديث:۱۴۳۳)

منا منا اسلامي ڀائرو! واقعي راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ کان هٿ روڪڻ، صدقي ۽ خيرات ۾ ڪنجوسي ڪرڻ، ڳٽي ڳٽي مال جمع ڪرڻ، ضرورت مندن جي طرف کان منهن ڦيري ڇڏڻ وڏي محرومي جي ڳالهہ آهي، جيڪڏهن اسان نہ ڪنداسين تہ الله تعاليٰ جي طرفان اهو ڪم ڪنهن ٻي کان ورتو ويندو. ياد رکو! جهڙي طرح راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ، انسان جي پنهنجي ذات لاءِ مفيد آهي، اهڙي طرح بُخّل (ڪنجوسي) ڪرڻ ان جي پنهنجي ذات لاءِ نقصان جو سبب آهي، نيڪي جي ڪمن جي لاءِ الله تعاليٰ پنهنجي سخي ٻانهن کي چونڊي وٺندو آهي جيڪي دل کولي ڪري راهِ خدا ۾ خرچ ڪندا آهن ۽ خوب خوب صدقو ۽



www.dawateislami.net

خيرات كندا آهن پر ان جي باوجود انهن جي مال ۾ حيرت انگيز اضافو ۽ برڪت ٿيندي ويندي آهي، جڏهن تہ ڪنجوس جو حال اهو هوندو آهي گهڻي مال ۽ دولت جي باوجود اُن کي پنهنجو مال گهٽ لڳندو آهي جنهن جي وجہ سان اهو صدقاتِ واجبہ ۽ نافلہ جي ادائيگي ڪرڻ، نيڪي جي ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ ۽ مخلوقِ خدا جي مدد ڪرڻ کان سڄي زندگي ڪتائيندو رهندو آهي جو ڪٿي منهنجي مال ۾ ڪمي نہ اچي وڃي، آخرڪار هڪ ڏينهن موت جو فرشتو اُن وٽ ايندو آهي ۽ ان جي موت کان پوءِ ان جو سڄو مال ان جي وارثن وٽ هليو ويندو آهي، اچو تہ انهي متعلق دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ 410 صفحن تي مشتمل ڪتاب **"عُيُونُ الحكايات"** (حصو پهريون) جي صفحي 74 ڪنجوسي جي انجام جي باري ۾ هڪ عبرت ناڪ حڪايت پڙهون ٿا. جيئن تہ

## ڪنجوسي جو انجام

حضرت سيِّدنا يزيد بن ميسره رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان کان پهرين امتن ۾ هڪ شخص هو، جنهن تمام گهڻو مال ۽ دولت جمع ڪري رکيو هو ۽ ان جي اولاد بہ ڪافي (گهڻي) هئي، قِسمين قِسمين جون نعمتون ان کي حاصل هيون، گهڻي مال هئڻ جي باوجود بہ اُهو انتهائي ڪنجوس هو، الله تعاليٰ جي راهہ ۾ ڪجهہ بہ خرچ نہ ڪندو هو، جڏهن هو تمام گهڻو مال جمع ڪري چڪو هو تہ پنهنجو پاڻ کي چيائين: هاڻي تہ آئون خوب عيش ۽ عشرت سان زندگي گذاريندس، بهرحال هو پنهنجي گهروارن سان تمام عيش ۽ عشرت سان رهڻ لڳو،



www.dawateislami.net

ڪيترائي خادم ان جي خدمت ۾ حاضر رهندا هئا، آخرڪار! هو ان دنياوي نعمتن ۾ ايترو تہ مست ٿي ويو جو پنهنجي موت کي بلڪل ويساري ڇڏيائين. هڪ ڏينهن مَلَڪُ الْمَوت حضرت سَيِّدُنا عِزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ فقير جي صورت ۾ ان جي گهر آيا ۽ دروازي تي دستڪ ڏنائون، غلام يڪدم دروازي جي طرف وڌيا ۽ جيئن ئي دروازو کوليائون تہ سامهون هڪ فقير ڏٺو، ان کان پڇيو: تون هتي ڇا جي لاءِ آيو آهين؟ مَلَڪُ الْمَوت عَلَيۡهِ السَّلَام جن جواب ڏنو: وڃو، پنهنجي مالڪ کي ٻاهر موڪليو، مونکي ان سان ڪم آهي. خادمن ڪوڙ ڳالهائيندي چيو: اهي تہ توهان جهڙي ئي ڪنهن فقير جي مدد جي لاءِ ٻاهر ويا آهن. حضرت سَيِّدُنا مَلَڪُ الْمَوت عَلَيۡهِ السَّلَام جن ڪجهہ دير کان پوءِ ٻيهر دروازي تي دستڪ ڏنائون، غلام ٻاهر آيو تہ ان کي چيائون: وڃ! پنهنجي آقا کي چئو: آئون مَلَڪُ الْمَوت عَلَيۡهِ السَّلَام آهيان.

جڏهن هن مالدار شخص هي ڳالهہ ٻڌي تہ تمام خوفزده ٿي ويو ۽ پنهنجي غلامن کي چيائين: هن سان تمام نرمي سان ڳالهايو. خادم ٻاهر آيا ۽ حضرت سَيِّدُنا مَلَڪُ الْمَوت عَلَيۡهِ السَّلَام کي چوڻ لڳا: توهان اسان جي آقا جي بدلي ڪنهن ٻي جي روح قبض ڪري ونو ۽ انهن کي ڇڏي ڏيو، الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي برڪتون عطا فرمائي. حضرت سَيِّدُنا مَلَڪُ الْمَوت عَلَيۡهِ السَّلَام جن فرمايو: ايئن هرگز نہ ٿو ٿي سگهي. پوءِ مَلَڪُ الْمَوت عَلَيۡهِ السَّلَام اندر تشريف کڻي ويا ۽ هن مالدار شخص کي چيائون: توکي جيڪا وصيّت ڪرڻي هجي ڪري وٺ، آئون تنهنجي روح قبض ڪرڻ کان بغير هتان نہ ويندس. هي ٻڌي ڪري سڀ گهروارا رڙيون ڪرڻ لڳا ۽ روئڻ شروع ڪري ڇڏيائون، هن شخص



www.dawateislami.net

پنهنجي گهر وارن ۽ غلامن کي چيو: سَون ۽ چانديءَ سان ڀريل صندوق ۽ پيتيون کولي ڇڏيو ۽ منهنجي تمام دولت منهنجي سامهون آڻيو، يڪدم حڪم کي پورو ڪيو ويو ۽ سڄو خزانو ان جي آڏو جمع ڪيو ويو. اهو شخص سَون ۽ چانديءَ جي ڍير وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: اي ذليل ۽ بدترين مال!تو تي لعنت هجي توئي مونکي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر کان غافل رکيو، توئي مونکي آخرت جي تياري کان روڪي رکيو. هي ٻڌي ڪري اهو مال ان کي چوڻ لڳو: تون مون کي بُرو ڀلو نہ چئو، ڇا تون اهو ئي نہ آهين جيڪو دنيا وارن جي نظر ۾ حقير هئين؟ منهنجي ڪري تنهنجي عزت وڌي، منهنجي ئي ڪري تنهنجي پهچ بادشاهن جي درٻار تائين ٿي، نہ تہ غريب ۽ نيڪ ماڻهو ان تائين پهچي ئي نہ ٿا سگهن، منهنجي ئي ڪري تنهنجو نڪاح شهزادين ۽ امير زادين سان ٿيو، نہ تہ غريب ماڻهو انهن سان ڪٿي شادي ڪري سگهن ٿا. هاڻي اها تہ تنهنجي بدبختي آهي جوتو مون کي شيطاني ڪمن ۾ خرچ ڪيو، جيڪڏهن تون مونکي الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪمن ۾ خرچ ڪرين ها تہ هي ذلت ۽ خواري تنهنجي مقدر نہ بڻجي ها، ڇا مون توکي چيو هو تہ تون مونکي نيڪ ڪمن ۾ خرچ نہ ڪر؟ اڄ جي ڏينهن آئون نہ بلڪ تون وڌيڪ مَلاَمَتَ ۽ لعنت جو مُسّتَحِق آهين.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن زندگي کي غنيمت سمجهون! يقيناً هي زندگي جتي هڪ بهترين نعمت آهي، اُتي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان اسان جي لاءِ نيڪيون ڪمائڻ ۽ آخرت ٺاهڻ جي زبردست مهلت بہ



www.dawateislami.net

آهي، ان لاءِ جيترا اسان جا ڏينهن باقي بچيا آهن، ان ۾ جلدي جلدي نيڪيون ڪمايون، خوب خوب صدقو ۽ خيرات ڪري وٺون نہ تہ موت جو پيغام اچڻ کان پوءِ هي سڀ مهلت ختم ٿي ويندي ۽ پوءِ چاهڻ جي باوجود موقعو نہ ملندو. الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 28، سُوْرَةُ الْمُنَافِقُوْن جي آيت نمبر 10 ۽ 11 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اَنْفِقُوْا مِنْ مَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ فَيَقُوْلَ رَبِّ لَوْلَاۤ اَخَّرْتَنِيْۤ اِلٰۤى اَجَلٍ قَرِيْبٍۙ فَاَصَّدَّقَ وَ اَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ۝ وَلَنْ يُّؤَخِّرَ اللّٰهُ نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَا

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ڪجهہ خرچ ڪر اسان جي ڏني مان (اسان جي واٽ ۾) هن کان اڳ جو توهان مان ڪنهن تي موت اچي پوءِ چوي اي منهنجا ربّ تو مونکي ٿوري مدت تائين ڇو نہ مهلت ڏني جو مان صدقو ڏيان ها ۽ نيڪن مان ٿيان ها ۽ الله هرگز ڪنهن جان کي مهلت نہ ڏيندو جڏهن ان جو وقت اچي وڃي.

منا منا اسلامي ڀائرو! ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي انسان جو پنهنجو مال جيڪو درحقيقت ان کي آخرت ۾ ڪم ايندو، ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ خوشنودي ڏياريندو ۽ دوزخ جي باهہ کان بچائيندو، هي اهو ئي مال آهي جيڪو هن صدقو ۽ خيرات جي طور تي نيڪ ڪمن ۾ خرچ ڪيو، اهو مال جيڪو سندس موجود آهي ۽ هي ان کي پنهنجو مال سمجهي ٿو اهو ان جو آهي ئي نہ، حقيقت ۾ اهو مال ان جي وارثن جو آهي. جيئن تہ

حضرت سَيِّدنا حارِث بن سُوَيد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان روايت آهي تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبُوَّت، مُحسنِ انسانيت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد حقيقت بنياد آهي: اَيُّكُمْ مَالُ وَارِثِهٖ اَحَبُّ اِلَـيْهِ مِنْ مَالِهٖ توهان مان ڪنهن کي پنهنجي مال کان وڌيڪ وارث جو مال پسند آهي؟ صحابۂ ڪرام



www.dawateislami.net

رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن جن عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مَا مِنَّا اَحَدٌ اِلَّا مَالُهُ اَحَبُّ اِلَيْهِ، اسان مان هر شخص کي پنهنجو مال وڌيڪ عزيز آهي. سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: فَاِنَّ مَالَـهُ مَا قَـدَّمَ وَمَالَ وَارِثِهٖ مَا اَخَّرَ، انسان جو پنهنجو مال تہ اُهو آهي جيڪو ان اڳيان موڪلي ڇڏيو (يعني راهِ خدا ۾ خرچ ڪري ڇڏيو) جيڪو ان پويان ڇڏيو (دنيا ۾) اهو ان جي وارثن جو مال آهي.

(صحيح البخاري،ڪتاب الرقاق،باب ماقدم من ماله فهوله، الحديث: ٦٤٤٢،ص٥٣١)

احاديثِ مبارڪ ۾ صدقي جا بي شمار فضائل بيان ڪيا ويا آهن، اچو تہ ان متعلق 8 فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا.

## صدقي جي فضيلت تي 8 فرامينِ مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1. اَلصَّدَقَةُ تَسُدُّ سَبْعِيْنَ بَابًا مِّنَ السُّوءِ، صدقو بُرائي جا 70 دروازا بند ڪندو آهي. (المعجم الکبير ، ٤/٢٧٤، حديث:٤٤٠٢)

2. كُلُّ امْرِئٍ فِيْ ظِلِّ صَدَقَتِهٖ حَتّٰى يُقْضٰى بَيْنَ النَّاسِ، هر شخص (قيامت جي ڏينهن) پنهنجي صدقي جي ڇانو ۾ هوندو ايستائين جو ماڻهن کي فيصلو پڌايو وڃي. (المعجم الکبير ، ١٧/ ٢٨٠، حديث: ٧٧١)

3. اِنَّ الصَّدَقَةَ لَتُطْفِئُ عَنْ اَهْلِهَا حَرَّ الْقُبُوْرِ وَاِنَّمَا يَسْتَظِلُّ الْمُؤْمِنُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِيْ ظِلِّ صَدَقَتِهٖ، بيشڪ صدقو ڪرڻ واري کي صدقو قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي ۽ بنا ڪنهن شڪ جي مسلمان قيامت جي ڏينهن پنهنجي صدقي جي ڇانو ۾ هوندو.

(شُعَبُ الايمان، باب الزکاة، التحريض علي صدقة التطوع،٣/٢١٢، حديث:٣٣٤٧)



www.dawateislami.net

4. اَلصَّلٰوةُ بُرْهَانٌ وَالصَّوْمُ جُنَّةٌ وَالصَّدَقَةُ تُطْفِئُ الْخَطِيْئَةَ كَمَا يُطْفِئُ الْمَاءُ النَّارَ، نماز (ايمان جي) دليل آهي ۽ روزو (گناهن کان) ڍال آهي ۽ صدقو خطائن کي ايئن مِٽائي ڇڏيندو آهي جيئن پاڻي باهه کي.
(ترمذي، ابواب السفر، باب ما ذُكِر في فضل الصلاة، ٢/ ١١٨، حديث:٦١٤)

5. بَاكِرُوْا بِالصَّدَقَةِ فَاِنَّ الْبَلَاءَ لَا يَتَخَطَّى الصَّدَقَةَ، صبح سويري صدقہ ڏيندا ڪريو ڇو جو بَلا صدقي کان اڳيان قدم نہ ٿي وڌائي.
(شُعَبُ الايمان، باب في الزكاة،التحريض علي صدقة التطوع،٣/٢١٤، حديث:٣٣٥٣)

6. اِنَّ صَدَقَةَ الْمُسْلِمِ تَزِيْدُ فِي الْعُمُرِ وَتَمْنَعُ مِيْتَةَ السُّوْءِ وَ يُذْهِبُ اللّٰهُ الْكِبْرَ وَالْفَخْرَ، بيشڪ مسلمان جو صدقو عمر کي وڌائيندو ۽ بُري موت کي روڪيندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان اُن صدقو ڏيڻ واري کي تَڪَبُّر ۽ تَفاخُر (وڏائي ۽ فخر ڪرڻ جي عادت) پري ڪري ڇڏيندو آهي.
(المعجم الكبير، ١٧/٢٢، حديث:٣١)

7. اِنَّهَا حِجَابٌ مِّنَ النَّارِ لِمَنِ احْتَسَبَهَا يَبْتَغِيْ بِهَا وَجْهَ اللّٰهِ، جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِصدقو ڪري تہ اُهو صدقو ان جي ۽ باهه جي درميان (وِچ ۾) پردو ٿي ويندو آهي. (مجمع الزوائد،كتاب الزكاة، باب فضل الصدقة،٣/ ٢٨٦، حديث: ٤٦١٧)

8. اِنَّ الصَّدَقَةَ لَتُطْفِئُ غَضَبَ الرَّبِّ وَ تَدْفَعُ مِيْتَةَ السُّوْءِ، بي شڪ صدقو رب عزَّوجل جي غضب کي وِسائيندو آهي ۽ بُري موت کي پَري ڪندو آهي. (ترمذي، كتاب الزكاة، باب ما جاء في فضل الصدقة، ٢/ ١٤٦، حديث:٦٦٤)

حڪيمُ الأُمّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان آخري حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: خيرات ڪرڻ واري سخي جي



www.dawateislami.net

زندگي بہ چگي هوندي آهي جو ان تي دنياوي مصيبتون نہ ايندیون آهن ۽ جيڪڏهن امتحان اچي بہ وڃي تہ ربّ تعاليٰ جي طرف کان هن کي سڪونِ قلب نصيب ٿيندو آهي جنهن تي اهو صبر ڪري ثواب ڪمائي وٺندو آهي، ڇڻ تہ ان جي لاءِ مصيبت، مَعْصِيَت (گناهہ) ڪٽي نہ ايندي آهي، مغفرت ڪٽي ايندي آهي، بُري موت مان مراد خراب خاتمو آهي يا غفلت جي اچانڪ موت، يا موت جي وقت اهڙي علامت جو ظاهر ٿيڻ جيڪا موت کان پوءِ بدنامي جو باعث ٿئي ۽ اهڙي سخت بيماري جيڪا ميت جي دل ۾ گهبراهٽ پيدا ڪري الله کان غافل ڪري ڇڏي، سخي ماڻهو تمام برائين کان محفوظ رهندو. (مرآة المناجيح شرح مشكاة المصابيح، ج۳، ص۱۰۳)

حضرت ابو ڪبشہ اَنماري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه کان مروي آهي تہ انهن نبيِ مڪرّم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو تہ ٽي (3) ڳالهيون جنهن تي آئون قسم کڻان ٿو ۽ هڪ ڳالهہ جي توهان کي خبر ٿو ڏيان اُن کي ياد رکو، فرمايائون: تہ ڪنهن ماڻهي جو مال صدقي ڪرڻ سان مال گهٽ ناهي ٿيندو ۽ ڪوئي ظلم نہ ڪيو ويندو تنهن تي جو صبر ڪري، پر الله تعاليٰ ان جي لاءِ عزت وڌائيندو آهي، ۽ ڪوئي (پنهنجي لاءِ) سوال ڪرڻ جو دروازو نہ کوليندو پر الله تعاليٰ ان تي فقيري (يعني غربت) جو دروازو کولي ڇڏيندو آهي. توهان کي هڪ ٻي ڳالهہ ٻڌايان ٿو تہ ان کي بہ ياد رکو، فرمايائون: دنيا چار (4) قسم جي ماڻهن جي آهي. (1) اُهو ماڻهو جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ مال ۽ علم ڏنو تہ اُهو ان ۾ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندو (۽ نيڪ اعمال ڪندو) آهي، صلہء رحمي (يعني رشتيدارن سان چڱو سُلوڪ) ڪندو آهي ۽ ان ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو حق



www.dawateislami.net

سجاڻيندو آهي (صدقو ۽ زڪوٰت ادا ڪندو آهي) هي شخص بهترين درجي ۾ آهي. (2) اهو ٻانهو جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ علم ڏنو ۽ مال نہ ڏنو اهو سچي نيت سان چوندو آهي تہ جيڪڏهن مون وٽ مال هجي ها تہ فُلان (پهرين واري شخص) وانگر عمل ڪريان ها، هن کي ان جي نيت جو بدلو ملندو ۽ انهن ٻنهي (پهرين ۽ ٻي) جو ثواب برابر آهي. (3) اهو ٻانهو جنهن کي الله تعاليٰ مال ڏنو ۽ علم نہ ڏنو تہ اهو پنهنجي مال ۾ بغير سوچي سمجهي تَصَرُّف (خرچ وغيره) ڪندو آهي، ان ۾ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندو نہ آهي، صلهء رحمي (رشتيدارن سان چڱو سُلوڪ) ناهي ڪندو ۽ نہ ئي اُن ۾حُقُوقُ الله کي سڃاڻيندو آهي (صدقو ۽ زڪوٰت ادا ناهي ڪندو) هي شخص بدترين درجي ۾ آهي. (4) اهو ٻانهو جنهن کي الله تعاليٰ نہ مال ڏنو نہ ئي علم، هي چوي ٿو تہ جيڪڏهن مون وٽ مال هجي ها آئون فلان (يعني ٽين شخص) وانگر تَصَرُّف ڪريان ها، ان کي اُن جي نيّت جو بدلو ملندوء انهن ٻنهي (ٽين ۽ چوٿين شخص) جو گناهہ برابر آهي. (مرآة المناجيح شرح مشكاة المصابيح،ج٣،ص٩٩)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان تہ جيڪي ماڻهو پنهنجي مال مان ڪجهہ حصو الله تعاليٰ جي رضا جي لاءِ خرچ ڪندا آهن، ۽ ڪجهہ اُهي ماڻهو جيڪي تنگدستي (يعني غربت) جي سبب کان مال تہ خرچ نہ ڪري سگهندا آهن پر انهن جي اِها تمنّا هوندي آهي تہ جيڪڏهن اسان وٽ مال آيو تہ اسان بہ راهِ خدا ۾ خرچ ڪنداسين، تہ اهڙن خوش نصيبن جي باري حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو تہ اهي بهترين درجي ۾ هوندا.



www.dawateislami.net

اي ڪاش! اسان بہ انهن خوش نصيبن ۾ شامل ٿي وڃون ۽ پنهنجي اسلاف ۽ بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي نقشِ قدم تي هلندي ذوق و شوق سان صدقو ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. اسان جي بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي اندر صدقي جو اهڙو جذبو هوندو هو جو انهن وٽ ڪو گهرڻ وارو ايندو هو تہ اهي نيڪ ٻانها هرگز هرگز اُن کي خالي هٿ وڃڻ نہ ڏيندا هئا، پلي چو نہ اُن کي ڏيڻ کان پوءِ پنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچي، يعني انهن کي الله عَزَّوَجَلَّ تي ڪامل يقين هوندو هو جو نہ صرف پنهنجون اضافي شيون بہ بلڪ پنهنجي ضرورت جون شيون صدقو ڪري ڇڏيندا هئا. اچو تہ ان متعلق ڪجهہ واقعات ٻڌون ٿا.

## جنت ۾ گهر جي ضمانت

هڪ شخص تہ خراسان کان بصره آيو ۽ اُن مشهور وليُّ الله حضرتِ سَيِّدُنا حَبِيّب عَجَمِيّ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه وٽ ڏهہ هزار (10000) درهم بطور امانت رکيا ۽ چيو تہ توهان منهنجي لاءِ بصره ۾ هڪ گهر خريد ڪريو تہ جڏهن آئون مڪّي کان واپس اچان تہ آئون ان گهر ۾ رهان (هي چئي هو هليو ويو). ان دوران ماڻهن کي اَٽي جي مهنگائي جو منهن ڏسڻو پيو تہ حضرت حبيب عجمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اُن درهمن مان اَٽو خريد ڪري صدقو ڪري ڇڏيو، انهن کي چيو ويو تہ هُن شخص توهان کي گهر خريد ڪرڻ لاءِ چيو هو! فرمايائون مون اُن جي لاءِ جنت ۾ گهر خريد ڪري ڇڏيو آهي! جيڪڏهن هو ان تي راضي ٿي ويو تہ نيڪ، نہ تہ آئون ان کي ڏهہ هزار (10000) درهم واپس ڏئي ڇڏيندس. جڏهن اهو شخص واپس آيو تہ پڇيائين اي ابو محمد! رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه



www.dawateislami.net

(هي حضرت حبيب عجمي جي ڪُنيت هئي) ڇا توهان گهر خريد ڪيو؟ جواب ڏنو ها! مَحَلَّات، نهرن ۽ وڻن سان گڏ، ته اُهو شخص خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو آئون ان ۾ رهڻ چاهيان ٿو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو مون اهو گهر الله تعاليٰ کان جنت ۾ خريد ڪيو آهي! هي ٻڌي ڪري هن شخص جي خوشي مزيد وڌي وئي، هن شخص جي سندس گهرواريءَ چيو انهن کي چئو ته پنهنجي ضمانت جي هڪ دستاويز لکي ڏين، ته حضرت حبيب عجمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن لکيو: بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم، هي گهر حبيب عجمي مَحَلَّات، نهرن ۽ وڻن سان گڏ ڏهه هزار (10000) درهمن ۾ الله تعاليٰ کان فلان بن فلان لاءِ خريد ڪيو آهي، هي ان جي دستاويز آهي. هاڻي الله عَزَّوَجَلَّ جي ذمهءِ ڪرم تي آهي ته هو حبيب عجمي جي ضمانت پوري فرمائي.“ ڪجهه عرصي کان پوءِ هن شخص جو انتقال ٿي ويو، هن اها وصيّت ڪئي ته اها پرچي منهنجي ڪفن ۾ رکي ڇڏجو. (تدفين کان پوءِ) جڏهن صبح ٿي ته ماڻهن ڏٺو ته ان شخص جي قبر تي هڪ پرچي آهي، جنهن تي لکيل هو ته هي حبيب عجمي جي لاءِ ان محل جو براءت نامو آهي جيڪو انهن فلان شخص جي لاءِ خريد ڪيو هو الله عَزَّوَجَلَّ هن شخص کي اهو محل عطا فرمائي ڇڏيو. ان خط کي حبيب عجمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن کڻي ورتو ۽ تمام گهڻو رُنا ۽ فرمايائون هي الله تعاليٰ جي طرف کان منهنجي لاءِ براءت نامو آهي. (نزهة المجالس، باب في فضل الصدقة... الخ، ج٢، ص٦)

ياد رهي! بيان ڪيل حڪايت ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ولي حضرتِ سَيِّدُنا حَبِيْب عَجَمِيْ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو امانت کي استعمال ڪري وڻڻ ۽ بين ماڻهن تي صدقو ڪري ڇڏڻ، اَوْلِياءُ الله جي خاص حالات ۽ تَصَرُّفات



www.dawateislami.net

جي واقعن مان هڪ واقعو آهي، نہ تہ هر هڪ کي ان ڳالھ جي اجازت نہ آهي جو ڪنهن جي امانت کي پنهنجي امانت ۾ آڻي يا اُن کي ٻين ماڻهن تي خرچ ڪري ڇڏي.

## بي مثال تَوَڪُّل ۽ لاجواب صَدَقو

اهڙي طرح حضرتِ سَيِّدَتُنا عائشه صِدّيقہ رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا کان مروي آهي تہ هڪ مسڪين سندن کان سُوال ڪيو، ان وقت پاڻ رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا روزي سان هيون ۽ گهر ۾ سواءِ هڪ مانيءَ جي ٻيو ڪجھ نہ هو. پنهنجي خادمہ کي فرمايائو: هن کي ماني ڏئي ڇڏيو، خادمہ چيو توهان جي افطاري جي لاءِ ان کان علاوه ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي، سَيِّده عائشہ صديقہ رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا جن فرمايو: اها ماني ڏئي ڇڏيو، خادمہ چون ٿيون مون اها ماني انهن کي ڏئي ڇڏي، اجا شام ئي نہ ٿي هئي جو اهلِ بيت يا ڪو ٻيو شخص جيڪي هديو (تحفو) ڏيندا هئا، اوهان رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا کي تحفي جي طور تي هڪ ٻڪري موڪلي، آٽڻ وارو ان گوشت کي ڪپڙي ۾ ڍڪي ڪري آيو. حضرتِ سَيِّدَتُنا عائشه صِدّيقہ رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا پاڻ خادمہ کي گهرائي ڪري فرمايو ان مان کائو، هي تنهنجي اُن مانيءَ کان بهتر آهي. (شُعَبُ الايمان، باب في الزكاة، فصل فيما جاء في الايثار، الحديث:۳۴۸۲، ج۳، ص۲۶۰)

منا منا اسلامي ڀائرو! هي هو اللہ وارن جو طريقي ڪار جو جيڪو ڪجھ بہ هوندو هو، صدقو ڪري ڇڏيندا هئا، اهو ئي سبب هو تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ انهن جي تَوَڪُّل جي سبب انهن کي بهتر کان بهتر عطا فرمائيندو آهي. جيئن تہ پنهنجي دور جو ابدال حضرت سَيِّدُنا ابو جعفر بن خطّاب رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ منهنجي دروازي تي هڪ سائل (يعني فقير) صدا هنئي، مون گهرواريءَ کان پڇيو: ڇا تو وٽ ڪجھ آهي؟ جواب



www.dawateislami.net

مليو: چار (4) آنا آهن مون چيو فقير کي ڏئي ڇڏيو، انهن ڏئي ڇڏيا. سائل آنا وٺي هليو ويو، اجان ٿوري دير مس گذري هئي تہ مون وٽ هڪ دوست آنن سان ڀريل ٿوڪري موڪلي، مون گهران پُڇيو: هن ۾ ڪل ڪيترا آنا آهن؟ انهن چيو: ٽيهہ (30)، مون چيو: توهان تہ فقير کي چار 4 آنا ڏنا هئا، هي ٽيهہ (30) کهڙي حساب سان آيا آهن! ڳڻ لڳيون تہ (30) آنا صحيح آهن ۽ باقي ڏهہ (10) ڀڳل آهن، حضرت سَيِّدُنا شيخ علامہ يافعي يمني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا، ڪجهہ ماڻهو هن حڪايت جي مُتَعَلِّق بَيان ڪن ٿا تہ سائل کي جيڪي آنا ڏنا ويا هئا انهن مان ٽي(3) صحيح ۽ هڪ ڀڳل هيو، ربّ تعاليٰ هر هڪ جي بدلي ڏهہ ڏهہ (10،10)عطا فرمايا، صحيح جي بدلي صحيح ۽ ڀڳل جي بدلي ڀڳل.

(فيضانِ سُنّت،باب آدابِ طعام،ج1،ص309 بحواله روض الرياحين،ص151)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان جا اسلاف ۽ بُزُرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى نہ صرف خود صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا بلڪ ٻين کي بہ ان خير واري ڪم جي ترغيب ڏياريندا هئا. اچو تہ انهي مُتَعلِّق ٽي (3) فرمان ٻڌون

## (1) هر حال ۾ صدقو ڪريو

اَميرُالمُؤمنين حضرت سَيِّدُنا عَلِيُ الْمُرتضٰي كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن توهان وٽ ڪجهہ دنيا جي دولت اچي تہ اُن مان ڪجهہ خرچ ڪريو، ڇو جو خرچ ڪرڻ سان اُها ختم نہ ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن دُنيا جي دولت توهان کان منهن ڦيري وڃڻ لڳي تڏهن بہ اُن مان ڪجهہ خرچ ڪريو، ڇو جو ان کي باقي ناهي رهڻو.

(احياء العلوم،ج ۳ص۲۳۸)

## (2) سخاوت ڇا آهي؟

حضرت سَيِّدُنا حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کان پڇيو ويو **سخاوت** ڇا آهي؟ فرمايائون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پنهنجو مال گهڻو خرچ ڪرڻ، پوءِ پڇيو ويو **حَزم** (يعني احتياط) ڇا آهي؟ فرمايائون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ مال روڪي رکڻ، وري پڇيو ويو **اسراف** ڇا آهي؟ فرمايائون اقتدار جي چاهت ۾ مال خرچ ڪرڻ. (احياء العلوم،ج ٣ص٢٣٩)

## (3) جود و ڪرم ايمان مان آهي

حضرت سَيِّدُنا حُذيفه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن فرمائن ٿا ته دين ۾ گنهگار ۽ زندگي ۾ لاچار ۽ بدحال گهڻا ماڻهو فقط پنهنجي سخاوت جي سبب کان جنت ۾ داخل ٿي ويندا. (احياء العلوم،ج ٣ص٢٤٠)

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## مالي عبادت جي قبوليت

منا منا اسلامي ڀائرو! زڪوٰت، صدقو ۽ خيرات جو شمار مالي عبادت ۾ ٿيندو آهي ۽ ان عبادت جي توفيق الله عَزَّوَجَلَّ مال دارن کي ڏني آهي ته جيئن غريب ۽ مسڪين ماڻهن جون حاجتون پوريون ٿيڻ سان گڏوگڏ دولت ڪنهن هڪ جڳهه جمع نه رهي بلڪ پوري مُعاشري ۾ گهمندي رهي، گڏوگڏ الله عَزَّوَجَلَّ دولت کي غريبن ۽ مسڪينن تي پنهنجي مال خرچ ڪرڻ کي پنهنجي رضا جو به ذريعو بڻايو آهي، تنهن ڪري جڏهن ڪو شخص ڪنهن غريب ۽ مسڪين جي مالي مدد جي ذريعي ان تي احسان ڪري ته ان کي پنهنجي سعادت مندي سمجهي ۽ هرگز اُن غريب تي احسان جتائي ڪري ان کي شرمنده ۽ خوار نه



www.dawateislami.net

ڪري. ياد رکو! ثواب ان صدقي جو ملندو آهي جنهن کان بعد احسان نہ جتايو وڃي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي راھ خرچ ڪرڻ وارن جي مُتَعَلِّق سيپاري 3، سُورَةُ الْبَقَرَه جي آيت نمبر262 ۽ 263 ۾ اِرْشاد فرمايو:

اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا يُتْبِعُوْنَ مَآ اَنْفَقُوْا مَنًّا وَّ لَآ اَذًى ۙ لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۲۶۲﴾ قَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ وَّ مَغْفِرَةٌ خَيْرٌ مِّنْ صَدَقَةٍ يَّتْبَعُهَآ اَذًى ؕ (پ۳،البقرة:۲۶۲، ۲۶۳)

**ترجموڪنزالايمان:** جيڪي ماڻھو پنهنجو مال اللّٰه جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آھن پوءِ ڏني پنيان تورو نہ جاڻائن ۽ تڪليف نہ ڏين انهن جو اجورو سندن ربّ وٽ آهي ۽انهن کي نہ تہ ڪو ڊپ هجي نہ ڪو غم.چڱي ڳالھ چوڻ ۽ درگزر ڪرڻ ان خيرات کان ڀلو آهي جنهن پنيان ستائڻ هجي.

حضرت عَلاّمه عَلاءُ الدّين علي بِن محمد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه تفسيرِ خازِن ۾ ان آيت جي تحت فرمائن ٿا تہ احسان رکڻ مان مراد ڪنهن کي ڪجھ ڏيڻ کان پوءِ اهو اظهار ڪرڻ تہ مون ايترو ڪجھ توکي ڏنو ۽ توسان سهڻو سُلوڪ ڪيو. بس اهڙي طرح ڪنهن کي ڏکائڻ ۽ غمگين ڪرڻ کي احسان جتائڻ چئبو آهي ۽ ڪنهن کي تڪليف ڏيڻ مان مُراد ڪنهن کي عار ڏيارڻ آهي، جيئن هي چيو وڃي تون غريب ۽ مسڪين هنئين، بيڪار هنئين وغيره مون تنهنجي سارسنڀال لهي هئي. اِڳتي فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن سائل کي ڪجھ بہ نہ ڏنو وڃي تہ اُن کي چڱا الفاظ چوڻ ۽ چڱي انداز سان اهڙو جواب ڏجي جيڪو اُن کي ناگوار نہ گذري ۽ جيڪڏهن هو سُوال ۾ اصرار ڪري تہ ان کي درگزر ڪرڻ (اُن صدقي کان بهتر آهي جنهن کان بعد ستايو ۽ احسان جتايو وڃي). (تفسير خازن، پ۳، البقرة، ۱/ ۲۰۶)



www.dawateislami.net

## احترامِ مُسلم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! اسلام احترامِ مسلم جو ڪيتري قدر خيال رکيو آهي جو ڪو به شخص پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي مالي امداد ڪرڻ کان پوءِ احسان جتائي يا طعنو نه ڏي، بلڪ ان جي عزتِ نفس جو احترام ڪري، ڇو جو صَدَقو ۽ خيرات ڏيڻ سان ڪنهن کي اهو حق ناهي ملي ويندو جو اهو ڪڏهن به احسان ياد ڏياري غريب جي عزت کي نقصان پهچائي. اهڙي صدقي کان ته بهتر هو جو اهو اُن کي ڪجهه به ڏي ها، بلڪ اُن کي ڪا چڱي ڳالهه چئي ڇڏي ها، معذرت ڪري وٺي ها يا ڪنهن ٻي شخص وٽ موڪلي ڇڏي ها. هتي انهن ماڻهن جي لاءِ هدايت جو درس آهي جيڪي پهرين جوش ۾ اچي غريبن جون امدادون ڪندا آهن پر بعد ۾ پنهنجي طعنن جي تيرن سان ان جي سيني کي زخمي ڪري ڇڏيندا آهن. ڪنهن ڳالهه تي ٿوري ڪاوڙ آئي ته يڪدم احسانات جي ڊگهي فهرست ٻڌائڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن. مثال طور چيو ويندو آهي ڪلهه تائين اُهو فقير هو، پنندو وتندو هو، منهنجو ڏنل ڪائيندو هو ۽ اڄ مون کي اکيون ٿو ڏيکاري. جڏهن ان جي ماءُ اسپتال ۾ تڙپي رهي هئي ته مون مدد ڪئي هئي، هن جي ڌيءَ جي شادي مون ڪرائي، سڀ احسان ويساري ڇڏيائين نمڪ حرام آهي جو وغيره وغيره.

ياد رکو! ان طرح جون ڳالهين ۾ خسارو ئي خسارو آهي ڇو جو مال ته توهان ڏئي چڪا آهيو، هاڻي طعنو هڻي ۽ احسان جتائي ثواب ضايع نه ڪريو. سيپاري 3، سُورَۃ الۡبَقَرَه جي آيت نمبر 264 ۾ اِرْشادِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ آهي:



www.dawateislami.net

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَ الْاَذٰى

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ پنهنجا صدقا (خيرات) ضايع نہ ڪريو ٿورو جاٽائي ۽ تڪليف ڏئي.

تفسيرِ مَدارِڪ ۾حضرت سيِّدُنا ابُوالبَرَڪات عبدُ اللہ بِن احمد رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان آيتِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا جهڙي طرح منافق ڪي رضاءِ الٰهي مَقصود ناهي هوندو ۽ اهو پنهنجو مال رياڪاري جي لاءِ خرچ ڪري ضايع ڪري ڇڏيندو آهي، اهڙي طرح توهان احسان جتائي ۽ تڪليف ڏئي پنهنجي صدقن جو اجر ضايع نہ ڪريو.

(تفسيرِ مدارڪ، پ۳، البقرة، تحت الآية:۲٦۴، ص ۱۳۷)

## ٽي (3) ضروري ڳالهيون

منا منا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ صدقو ڏيڻ وقت ٽن (3) ڳالهين ڪي سامهون رکڻ تمام ضروري آهي (1) صدقو ڏئي احسان نہ جتائي (2) جنهن کي صدقو ڏئي اُن جي دل کي طعنن جي تيرن سان زخمي نہ ڪري (3) صدقو اخلاص سان ۽ رضاءِ الٰهي کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏئي. مسلمانن کي طعنو ڏئي احسان جتائي، دل آزاري ڪرڻ وارن ۽ رياڪاري جي آفت ۾ مبتلا ٿيڻ وارن جي لاءِ مَقامِ غور آهي. ان لاءِ انهن کي گهرجي جڏهن بہ صدقو ۽ خيرات ڏيڻ جي سعادت حاصل ٿئي تہ ذڪر ڪيل ڳالهين کي سامهون رکن. ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو قيامت جي ڏينهن انهن جو شمار انهن مفلسن ۾ ٿئي جيڪي ڪيترين ئي نيڪيون ڪٽي ايندا پر خالي هٿ رهجي ويندا.

منا منا اسلامي ڀائرو! صَدَقو ۽ خيرات رکڻ وقت ان ڳالهہ جو خاص خيال رکڻ گهرجي تہ ڪنهن کي صَدَقو ڏنو وڃي ۽ ڪنهن کي



www.dawateislami.net

نہ بدقسمتي سان اڄڪلھ معاشري ۾ مُسْتَحِقِن ۽ حاجت مند فقيرن کي ڳولهڻ تمام مشڪل ٿي ويو آهي، ڇو جو ڪيترائي ماڻهو اهڙا بہ ڏٺا ويندا آهن جيڪي بلڪل صحت مند ۽ تَنْدُرُسْت هوندا آهن، پر خود کي غريب ۽ مسڪين سڏرائي ڪري گهرڻ لاءِ هٿ ڦيلائيندي شرمائيندا ناهن. ان لاءِ ان معاملي ۾ احتياط جي ضرورت آهي، جيڪو واقعي سفيد پوش حاجت مند هجي يا ڪمائڻ تي قدرت نہ رکندو هجي، اهڙن کي ئي صدقو ۽ خيرات ڏنو وڃي، پيشہ ور فقيرن کي هرگز نہ ڏنو وڃي، ڪٿي ايئن نہ ٿئي اسان جي نامہءِ اعمال ۾ ثواب جي بجائي گناه لکيو وڃي. جيئن تہ اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسنّت، مولانا شاه امام اَحمد رَضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جي فرمان جو خلاصو آهي جنهن کي سوال ڪرڻ حلال نہ آهي، اهڙن جي سُوال تي انهن جي حال کان واقف هوندي بہ انهن کي ڪجھ ڏيڻ ثواب جوڪم نہ آهي بلڪ ناجائز ۽ گناه ۽ گناه تي مدد ڪرڻ آهي. (مُلَخَّصاً فتاوٰي رضويه مُخرَّجه، ج 10 ص 303)

سرڪارِمدينہ، قرارِ قلب و سينہ، سُلطانِ باقرينہ، باعثِ بزولِ سڪينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عالشان آهي جيڪو شخص ماڻهن کان سُوال ڪري، حالانڪ نہ ان کي فاقو هجي، نہ ايترا ٻار ٻچا هئا، جنهن جي طاقت نہ ٿو رکي تہ قيامت جي ڏينهن اهڙي طرح ايندو جو ان جي منهن تي گوشت نہ هوندو. (شُعَبُ الۡاِيمان لِلۡبَيۡهَقِيّ ج3 ص 274حديث 3526)

بهرحال زڪوٰت، صدقو ۽ خيرات ڏيڻ کان پهرين چڱي طرح غور ڪرڻ گهرجي ۽ ڪيڏو نہ سٺو ٿئي جو غريبن، مسڪينن، يتيمن. بيواهن، حاجت مندن ۽ رشتيدارن سان گڏوگڏ اسان پنهنجا صدقات ۽ مدني عطيات نيڪي جي ڪمن ۾، مسجدن ۽ مدرسن جي تَعۡمِير ۽ تَرَقِّي



www.dawateislami.net

۾ ۽ اسلام جي سر بلنديءَ ۽ علمِ دين جي روشني جي خاطر علمِ دين حاصل ڪندڙ طَلَبہ ۽ طالبات جي لاءِ دعوتِ اسلامي کي ڏئي آخرت جي لاءِ سامان جمع ڪريون. ياد رهي! عام حاجت مندن جي مقابلي ۾ دين جي خاطر پنهنجو گهربار ڇڏي ڪري مدرسي ۾ رهندڙ ضرورت مندن طلباء جي ضرورتون پوريون ڪرڻ ۽ ان جي مالي مدد ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي.

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي مطبوعہ 415 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”ضيائي صَدَقات“ جي صفحي نمبر 172 تي آهي امام غزّالي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه نقل ڪن ٿا تہ هڪ عالم جو معمول هو جو اهي قدصو ڏيڻ ۾ صوفي فقيرن کي تَرجِيح ڏيندا هئا، انهن کي عرض ڪيو ويو تہ جيڪڏهن عام فقيرن کي صدقو ڏين تہ چا اهو افضل ناهي؟ جواب ڏنو هي نيڪ ماڻهو هر وقت اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۽ فڪر ۾ رهندا آهن، جيڪڏهن انهن تي فاقو يا ڪا مصيبت اچي تہ انهن جي مشغلي ۾ خَلَل ايندو، ان لاءِ منهنجي نظر ۾ دنيا جي هزار طلبگارن کي ڏيڻ کان بهتر آهي تہ هڪ سچي ديندار کي ڏيان.

جڏهن حضرت سَيّدُنا جُنَيْد بَغْدادي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي اها ڳالهہ ٻڌائي وئي تہ پاڻ ان کي پسند فرمايو ۽ فرمايائون تہ هي شخص اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ولين مان آهي، مون اڄ تائين اهڙي چڱي ڳالهہ نہ ٻڌي هئي.
(ضيائي صدقات، ص١٧٢)

اهڙي طرح حضرت سَيّدُنا عبدُاللّٰه بن مُبارڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه (جيڪي امامِ اَعْظَم ابُو حنيفه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه خاص شاگردن ۽ فقہِ حنفي جي امامن مان آهن) اهلِ علم ماڻهن سان خاص طور تي ڀلائي



www.dawateislami.net

ڪندا هئا، انهن کي عرض ڪئي وئي توهان سيني سان هڪ جهڙو معاملو ڇو نہ ٿا رکو؟ فرمايائون آئون انبياء (عَلَيْهِمُ السَّلَام) ۽ صحابهءِ ڪرام (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَانُ) کان پوءِ عُلَماء کان سواءِ ڪنهن جو مقام بلند نہ ٿو سمجهان، هڪ بہ عالم جو پنهنجي حاجتن جي سبب سان ڏيان هٽندو تہ اُهو صحيح طور تي خدمتِ دين نہ ڪري سگهندوءِ ديني تعليم تي اُن جي دُرُسّت توجهہ نہ ٿي سگهندي. ان لاءِ انهن کي علمي خدمت جي لاءِ فارغ ڪرڻ افضل آهي. (ضيائي صدقات، ص١٧٢)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان بہ پنهنجي اندر راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جو جذبو بيدار ڪرڻ چاهيون ٿا تہ اچو دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان مَدَني ماحول سان وابستہ هئڻ جي برڪت سان اسان جي اندر بہ ٻين وڏين خوبين جي پيدا ٿيڻ سان گڏ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جي چڱي عادت بہ پيدا ٿي ويندي.

## ڪتاب "ضيائي صدقات" جو تعارف

صدقي جي متعلق مزيد معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مطبوعہ 415 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ضيائي صدقات" جو مطالعو بي اِنتها مُفيد آهي. هي ڪتاب 19 بابن تي مشتمل آهي ۽ هر باب ۾ صَدَقي جي متعلق مختلف مَوضُوعات تي تفصيلي طور تي گفتگو ڪئي وئي آهي، مثال طور صدقي جي معنيٰ ۽ ان جا قِسم، زڪوٰت جو بيان، زڪوٰت ڪنهن کي ڏني وڃي؟ صلهءِ رحمي (رشتيدارن



www.dawateislami.net

سان چڱو سُلوڪ) جون فضيلتون، مال جمع ڪرڻ ڪيئن؟ بُخل جي مذمّت وغيره وغيره، اِنْ شَـآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جومطالعو ڪرڻ واري کي معلومات جو ذخيرو حاصل ٿيندو.ان لاءِ مڪتبة المدينه کان ان ڪتاب کي هَدِيَّةً وٺي ڪري پڙهڻ جي مَدَني التجا آهي. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي پڙهي، ڊائون لوڊ (Download) به ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آئوٽ (Print Out) به ڪري سگهجي ٿو.

صَـلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَـمَّد

## بيان جو خلاصو

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اڄ اسان صدقي ۽ خيرات جي برڪتن جي موضوع تي بيان ٻڌو، جيڪي ماڻهو اخلاص سان ڳڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ صدقو ڪري نيڪي جو ڪم ڪندا آهن، الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي (اخلاص جي مطابق) ٻيڻو يا ان کان به وڌيڪ عطا فرمائيندو آهي، نفع بخش مال اُهو ئي آهي جيڪو اسان صَدَقي جي صورت ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ خرچ ڪندا آهيون ۽ جيڪو ڪجهه اسان وٽ موجود آهي اهو ته موت ايندي ئي ٻين جو ٿي ويندو. عقلمند اهو ئي آهي جيڪو احسان جتائي بغير پنهنجي مال جي ذريعي غريبن بالخصوص ديني طلباء جي خدمت ڪري ۽ قرآن حديث ۾ بيان ڪيل صدقي جا فضائل ۽ برڪتن جا حقدار ٿي وڃو. صدقو ڪرڻ واري جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ زبردست اجر ۽ ثواب آهي ۽ احاديثِ مبارڪ جي روشني ۾ صدقو ڪرڻ وارو نه صرف قبر جي گرمي کان محفوظ رهندو بلڪ قيامت ۾ به پنهنجي صدقي جي ڇانو ۾ هوندو، صَدَقي جي برڪت سان خطائون



www.dawateislami.net

متايون ويندڙيون آهن، بلائون ٽري ويندڙيون آهن. عُمر ۾ برڪت ٿيندي آهي، تڪبُّر جي بُري عادت کان نجات ملندي آهي. بُري خاتمي کان نجات ملندي آهي. صدقو انسان ۽ جهنم جي وچ ۾ پردو بڻجي ويندو آهي ۽ خوش نصيب کي غضبِ الٰهي کان امان نصيب ڪندو آهي.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## مَدَني قافلي ۾ سفر ڪريو

منا منا اسلامي ڀائرو! گناهن کان نفرت ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، امِيرِاهلسنّت،بانيِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علاّمه مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عطا ڪيل مدني انعامات تي عمل ڪريو ۽ باڪردار مسلمان بڻجڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي ڪنهن شاخ کان مدني انعامات جو رسالو حاصل ڪريو ۽ روزانہ فڪرِ مدينہ يعني پنهنجي محاسبي جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر چنڊ جي پهرين تاريخ پنهنجي ذمہ دار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي زندگي ۾ حيرت انگيز طور تي مدني انقلاب برپا ٿيندو. دَعوتِ اسلامي جي سُنتن جي تربيت جي لاءِ عاشقانِ رسول جا بي شمار مدني قافلا **12 مهينا**، هڪ مهيني **(30 ڏينهن)**، **12 ڏينهن** ۽ **3 ڏينهن** جي لاءِ شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ، ملڪ ملڪ، سفر ڪندا رهندا آهن، اسان کي بہ راهِ خدا ۾ سفر ڪري پنهنجي آخرت جي لاءِ نيڪيون جمع ڪرڻ گهرجن.

الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ پنهنجي روزمره جي مصروفيات ڇڏي ڪري ڪجھ ڏينهن جي لاءِ گهر وارن ۽ دوستن جي صحبت ڇڏي



www.dawateislami.net

جڏهن اسان مدني قافلن ۾ سفر ڪنداسين تہ سفر جي دوران اسان ڪي پنهنجي زندگي تي ديانت داري سان غور ڪرڻ جو موقع مُيَسَّر ايندو، پنهنجي آخرت کي بهتر کان بهتر بڻائڻ جي خواهش پيدا ٿيندي، جنهن جي نتيجي ۾ اڄ تائين ٿيڻ وارن گناهن تي ندامت محسوس ٿيندي، ان گناهن تي ملڻ وارين سزائن جو تصوُّر ڪندي وار اُڀا ٿي ويندا. ٻي طرف پنهنجي ڪمزوري جو احساس ٿيندو ۽ ڪو شڪ ناهي جو ان تصوُّر ۾ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي سبب اکين مان ٻي اختيار لڙڪ وهي ايندا. مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ کان علاوه دَعوتِ اسلامي جي هفتہ وار سُنتن ڀري اجتماع ۾ وقت جي پابندي سان شرڪت ڪري خوب سنتن جون بهارون حاصل ڪريو. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي دُنيا جي تقريباً 200 ملڪن تائين پنهنجو پيغام پهچائي چڪي آهي ۽ 95 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۽ سنتن جون ڌومون مچائڻ جي عمل ۾ مصروف آهي، اچو تہ توهان کي دعوتِ اسلامي جي شعبن مان هڪ شعبو **”مجلسِ عشر ۽ اطراف ڳوٺ“** جو مختصر تعارف پيش ڪريان ٿو.

## مجلسِ عشر ۽ اطراف ڳوٺ جو قيام

اڄڪلهہ علم جي دُوري ۽ دُنيا داري زمينداري (يعني هارپو) ڪندڙ اسلامي ڀائرن کي عشر ۽ زڪوٰت جهڙي عظيم عِبادَت جي ادائيگي کان پري ڪري رکيو آهي، مسلمانن جي خيرخواهي ۽ عشر جي اهميت جي پيشِ نظر اهميت مسلمانن ۾ عظيم مالي عبادت جو شعور پيدا ڪري رضاءِ ربُّ الانام جا ڪم ڪرڻ ۽ ادائيگي نہ ڪرڻ واري



www.dawateislami.net

گناهه کان بچائڻ جي لاءِ تبليغِ قرآن و سُنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت **”مجلسِ عشر ۽ اطراف ڳوٺ“** جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي. عُشر در حقيقت زڪٰوةُ الْاَرْض (زمين جي زڪوٰت) آهي. زمين ۾ جيڪي فصل وغيره ٿيندا آهن، ان جو ڏهون يا ويهون حصو راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ ضروري آهي. بهارِ شريعت ۾ آهي: عُشري زمين مان اهڙيون شيون پيدا ٿيون جنهن جي زراعت مان مقصد زمين مان نفعو حاصل ڪرڻ هجي ته پيداوار جي زڪوٰت فرض آهي ۽ اُن زڪوٰت جو نالو عُشر آهي، يعني ڏهون حصو جو اڪثر صورتن ۾ ڏهون حصو فرض آهي ۽ ڪجهه صورتن ۾ نِصْف عُشر يعني ويهون حصو ورتو ويندو. (بهارِ شريعت، حصّه ۵،ص۹۱۳)

ان لاءِ عُشر ۾ هفته وار ۽ ٻين اجتماعات ۾ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جا فضائل بيان ڪري دعوتِ اسلامي کي عُشر ڏيڻ ۽ جمع ڪرائڻ جي ترغيب ڏياري ويندي آهي، گڏوگڏ نُمايان جڳهن تي بينر هنيا ويندا آهن.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## ٻارنهن (12) مدني ڪم ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان کي ٻه مدني التجا آهي ته دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته رهو ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ مزيد



www.dawateislami.net

مضبوطي جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ٻارنهن مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو ونو. ان ٻارنهن مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم **يومِ تعطيل اعتڪاف** بہ آهي، ان مدني ڪم ۾ شهر ڊويزن جي ڪمزور علائقن يا ڳوٺن وغيره جتي اجا تائين مدني ڪم شروع نہ ٿيا آهن يا اُتي مزيد مضبوطي جي ضرورت آهي، موڪل واري ڏينهن، وقت مقرَّر ڪري اُتان جي مقامي اسلامي ڀائرن تي انفرادي ڪوشش ڪري انهن کي مدني ماحول سان وابستہ ڪري دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي مدني ڪمن ۾ عملي طور تي شامل ٿيڻ جي ترغيب ڏياري ويندي آهي.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب!　　　صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اڄ جي پُرفِتن دور ۾ تبليغِ قُرآن و سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ ”**دعوتِ اسلامي**“ سُنّتن ڀريو پاڪيزه ماحول مهيا ڪري رهي آهي، اسان کي گهرجي تہ ان مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃون. الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان ان مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ سان نہ ڄاڻي ڪيترن گناهگارن کي توبهہ جي توفيق ملي ۽ هاڻي اُهي صلوٰة وسُنّت جا پابند ٿي ڪري هڪ باڪردار مسلمان جي حيثيت سان زندگي گزاري رهيا آهن، اچو تہ توهان جي ترغيب جي لاءِ مدني بهار بيان ڪريان ٿو.

## آئون لغڙ اُڏائڻ جو شوقين هئس

بابُ المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو



www.dawateislami.net

آهي افسوس! منهنجي گذريل زندگي سخت گناهن ۾ گذري، آئون لغڙ اڏائڻ جو شوقين هئس گڏوگڏ ويڊيو گيمز وغيره کيڏڻ منهنجو مشغلو هو. هر هڪ جي معاملي ۾ ٽنگ اٽڪائڻ. خوامخواه ماڻهن سان جهيڳڙو ڪرڻ، ڳالهه ڳالهه تي وڙهڻ وغيره منهنجي معمولات ۾ شامل هو. خوش قسمتي سان هڪ اسلامي ڀاءُ جي انفرادي ڪوشش تي آئون رَمضانُ المُبارڪ جي آخري عشري ۾ مُعتڪف ٿي ويس، ان دوران مونکي سٺا خواب ڏسڻ ۾ آيا ۽ تمام سڪون مليو، مون مزيد ٻه سال اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪئي، هڪ ڀيري اسان جي مسجد جي موذِن صاحب مون تي انفرادي ڪوشش ڪري مونکي تبليغِ قُرآن و سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه هفته وار سنتن ڀري اجتماع ۾ وٺي آيا. هڪ مبلغِ دعوتِ اسلامي بيان ڪري رهيا هئا، سفيد لِباس ۾ ملبوس، چهري تي هڪ مُٺ ڏاڙهي ۽ مٿي تي سائو عمامي شريف جو سجايل هو. اهڙو بارونق چهرو مون زندگي ۾ پهريون دفعو ڏٺو هو. مُبلِّغ جي چهري جي ڪشش منهنجو من موهي ورتو ۽ آئون دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ويس ۽ هاڻي ٻن سالن کان عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه (باب المدينه ڪراچي) ۾ ئي اعتڪاف ڪري رهيو آهيان. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! مون هڪ مُٺ ڏاڙهي سجائي ورتي آهي.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَليٰ مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[3]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[4]

---

3 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

4 ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[5]

## (4) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن.[6]

## (5)ڇهہ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[7]

---

[5]...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[6]... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[7]...افضل الصلوات علی سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149



www.dawateislami.net

### (6)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي ڪري صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[8]

### (7) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

**شافعِ امم** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم **جن جو** فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هيئن درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[9]

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلي مُحَمَّد

---

[8]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[9]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net